Funded by the European Union

Government of Sindh

unicef for every child



# Teacher Training Module: Sindhi

## Learning Cycle Two

ڳالهائڻ جي مَهارت

Sindh Technical Assistance – Development through Enhanced Education Programme (STA-DEEP)

Sukkur IBA University

THE AGA KHAN UNIVERSITY

## تربيت جو تعارف ۽ استدلال

### محترم استاد صاحبان!

مسلسل پيشه وراڻه واڌاري (CPD) جي پروگرام جي نئين مرحلي ۾ پليڪار. پوئين مرحلي ۾ اسان تدريسي مهارتن تي ڌيان ڏنو هو جنهن ۾ ڪلاس روم ۾ سکڻ واري عمل کي پرلطف بڻائڻ ۽ شاگردن جي فعال شرڪت ڪرڻ ۾ بهتر موقعو فراهم ڪرڻ جي حوالي سان اوهان جي مهارتن کي هٿي وٺرائڻ ۾ مدد ڪئي. نئين مرحلي ۾ اسان انهن تدريسي مهارتن جي مشق جاري رکنداسين ۽ رياضي، سائنس، انگريزي، اردو ۽ سنڌي ۾ متعارف ڪرايل مواد جي جاڻ ۽ مهارتن جي باري ۾ به وڌيڪ پرائيينداسين. نتيجي ۾ توهان ڪلاس روم جي صورت حال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ وڌيڪ تيار ٿي ويندا ته جيئن مضمون جي علم سان لاڳاپيل جديد تدريسي حڪمت عملين جو استعمال ڪري سگهو.

### اسان جو نصب العين

اسان جو گڏيل مقصد سڄي سنڌ جي اسڪولن ۾ تدريس جي معيار کي بهتر بڻائڻ آهي. اسان چاهيون ٿا ته شاگرد سرگرم ۽ باهمي تعاون سان سکندڙ، مسئلا حل ڪندڙ، ۽ تنقيدي سوچ رکندڙ بڻجن، جيڪي تخليقيت ۽ اعتماد سان ڪمن کي ڏسندڙ هجن. هو موضوع جي مواد جي باري ۾ تصوراتي طور تي واضح هجن ۽ ان مواد کي پنهنجي چوڌاري دنيا سان ڳنڍڻ جي مهارت رکندڙ هجن. ان کي ممڪن بڻائڻ جي لاءِ اسان کي بطور استاد، تعليمي ادارن ۾ ڪلاس روم جي گهرجن ۽ مضمون جي مواد جي لاءِ بهتر نمونيي تيار رهڻ گهرجي. اهڙي طرح، اسان جو مقصد انهن تربيتن کي پيشه وراڻه بڻائڻ آهي ته جيئن CPD جي استادن جا تربيتي ڪورس پنهنجو اثر ڏيکاري سگهن ۽ شاگردن جي ڪارڪردگي ۾ خاطر خواهه تبديلي اچي.

## اسان جو تدريسي فلسفو

سي پي ڊي (CPD) جا تربيتي سيشنَ، هن تربيت سميت، هڪ شرڪتي تدريسي فلسفي جي پوئواري ڪن ٿا جنهن ۾ شرڪت ڪندڙ سرگرم ۽ پاڻ ۾ تعاون سان سکڻ کي لاڳو ڪري ۽ ان جي مشق ڪرڻ سان گڏوگڏ عمل ڪندڙن جي ڪميونٽي ٺاهڻ جي لاءِ پنهنجي ۽ ٻين ساٿين جي عڪاسي ۾ رُڌل هوندا آهن. مقصد نه رڳو تدريسي طريقن کي بهتر بڻائڻ آهي بلڪه توهان کي مضمون جي مواد جي نظريي ۽ حڪمت عملين کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيڻ آهي جيڪي شاگردن کي روزاني زندگي ۾ مواد کي اعتماد ۽ مهارت سان لاڳو ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

## توهان جي سهڪار ڪندڙ

تربيتي ماڊيول توهان جي ڪلاس روم جي تدريس ۾ توهان جي سهڪار ڪرڻ جي لاءِ جوڙيو ويو آهي. هي توهان کي مضمون جي مواد ۽ ڪلاس روم ۾ استعمال جي لاءِ ڪجهه طريقن سان متعارف ڪرائيندو. هي توهان جي تدريس کي وڌيڪ منظم ڪرڻ جوڳو بڻائيندو ۽ توهان کي هڪ هنرمند استاد طور وڌڻ ۾ مدد ڏيندو.

## مڃتا/اعتراف

هي ماڊيول سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ۽ آغا خان يونيورسٽي - انسٽيٽيوٽ فار ايجوڪيشنل ڊولپمينٽ، پروانشل انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (PITE) جي هدايت هيٺ تيار ڪيو آهي. يونيسيف طرفان سنڌ ٽيڪنيڪل اسسٽنس ڊولپمينٽ ٿرو انهينسڊ ايجوڪيشن پروگرام (STA-DEEP) جي تحت سهڪار ڪئي وئي، جنهن کي يورپي يونين طرفان مالي مدد ڏني وئي.

اسان هيٺ ڏنل ڀاڱيدارن لاءِ خلوص دل سان ٿورائتا آهيون:

| | |
|---|---|
| سيد رسول بخش شاه | ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر، سنڌ ٽيچرس ايجوڪيشن ڊولپمينٽ اٿارٽي (STEDA) |
| نصرت فاطمه ڪلهوڙو | ڊائريڪٽر جنرل پراونشل انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (PITE) |
| ٽيڪم هرچنداڻي | ايڊيشنل ڊائريڪٽر، ڊائريڪٽوريٽ آف ٽيچر ٽريننگ انسٽيٽيوشنس سنڌ، حيدرآباد |
| ڊاڪٽر الطاف حسين سمون | ڊائريڪٽر ايگزيڪيوٽو ڊولپمينٽ سينٽر ايٽ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| ڊاڪٽر تڪبير علي | ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ ڊائريڪٽر آئوٽريچ ايٽ آغا خان يونيورسٽي، ڪراچي |
| ذوالفقار علي ٻيهڻ | ڊپٽي ڊائريڪٽر، ٽي ٽي آئز |
| ريحانه پروين | ڊپٽي ڊائريڪٽر، اسٽيڊا |
| سائمه ميمڻ | اسسٽنٽ پروفيسر، پائيٽ نوابشاه |
| محمد پنهل | موڊيول ڊويلپر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| ڊاڪٽر وحيد ڪلهوڙ | موڊيول رويوئير |
| نصرت سڪندر | انسٽرڪٽر جي اي سي اي ايم حيدرآباد |

| | |
|---|---|
| ارسلان احمد | موڊيول ڊزائينر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| عبدالجبار شاهه | موڊيول ڊزائينر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| سيد ڪامران شاهه | پروجيڪٽ مينيجر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| رابعه بتول | پروجيڪٽ مينيجر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| آصف ابرار | ايجوڪيشن اسپيشلسٽ، يونيسيف |
| ڊاڪٽر سليمه بيگم | ايجوڪيشن آفيسر، يونيسيف |
| محمد ذوالفقار علي | ايجوڪيشن ڪنسلٽنٽ، يونيسيف |
| آفتاب احمد نظاماڻي | اسڪول ڪلسٽرنگ ڪنسلٽنٽ، يونيسيف |

**سِکيا جي حاصلات** : هن تربيتي سيشنَ جي پڄاڻيءَ تي سکيا ونندڙ ان قابل ٿي ويندا ته:





- **ڳالهائڻ جي مهارتَ ۽ ان جي اهميت بابت ٻڌائي سگهندا**
- **ڳالهائڻ جي مهارت جا جزا بيان ڪري سگهندا.**
- **درسي ڪتابن ۾ موجود ڳالهائڻ جي مهارت جون سرگرميون عملي طور پيش ڪري سگهندا.**
- **ڳالهائڻ جي مهارت بابت حاصل ڪيل معلومات ۽ تصورن تي پنهنجا تاثرات پيش ڪري سگهندا.**

## Session Plan سيشن جي رٿابندي

Instructional strategies/activities

| Materials/resources<br>گهربل سامان/وسيلا | Activities/learning experiences<br>سرگرميون / سکيا جا تجربا | Objective/purpose of the activity<br>سرگرمي جو مقصد | Time<br>وقت |
|---|---|---|---|
| | 1. سيني شرڪت ڪندڙن استاد صاحبان کي هن تربيتي پروگرام ۾ ڀليڪار چئو.<br>2. پروگرام جي باقائده شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪريو. جنهن لاءِ شرڪت ڪندڙن مان ڪنهن هڪ کي اڳيان گهرايو. | • ڀليڪار / شروعات ڪرڻ<br> | <br>10 منٽ |
|  | ذهني آمادگي (Motivation)<br>ڏسو ۽ ڳالهايو<br>1. سيني سکيا ونندڙن کي هيٺ ڏنل تصوير ڏيکاريو ۽ پوءِ چئو ته تصوير تي غور ڪن ۽ ان تي پنهنجا خيال پنهنجي ساٿين سان ونڊين.<br> | • ڳالهائڻ جي مهارت | <br>10 منٽ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | 2. شرڪت ڪندڙن مان ڪجھ جا خيال ٻُڌي ڳالهائڻ جي هيٺ ڏنل تعريف ٻڌايو (پنهنجن خيالن، جزبن، احساسن ۽ معلومات جو زباني اظهار (ڳالهائڻ)) آهي. | |
| <br>30 منٽ | • ڳالهائڻ جي مهارت جو تعارف ۽ اهميت<br> | ڳالهائڻ جي مهارت جو تعارف<br>(Think Pair Share )<br><br>هدايتون:<br>1. **’ڳالهائڻ جي مهارت‘** بورڊ تي لکو ۽ تربيت وٺندڙن کي هدايتون ڏيو ته ڳالهائڻ جي اهميت ، ان جي جزن ۽ قسمن بابت انفرادي طور سوچن ۽ پرسان ويٺل ساٿي کي پنهنجن خيالن کان آگاھ ڪن ۽ ان کان سندس خيال ۽ معلومات پڇن، آخر ۾ ٻئي پنهنجي معلومات ڪلاس ۾ پيش ڪن. |  |

| | | | |
|---|---|---|---|
|  | <br>جوڙين ۾ ڪم Pair Work<br>1. تربيت وٺندڙن کي چئو ته پنهنجي جوڙي ۾ رهي<br>2. مطالعي جو مواد نمبر 1 پڙهن ۽ اهم نڪتا نوٽ ڪن.<br>نوٽ ڪيل نڪتا پنهنجي پر ۾ وينل جوڙي کي ٻڌائي ان جا به نڪتا ٻڌن.<br>3. ان کان پوءِ ڳالهائڻ جي مهارت بابت معلومات تي سموري ڪلاس جو بحث ڪرايو.<br>آخر ۾ اهم نڪتن جو خلاصو پيش ڪريو. |  | |
| | BREAK | | 10 منٽ |
|  | <br>مشق (Practice)<br>گروهي ڪم Group Work<br>1. سکيا وٺندڙن کي اَٺن گروپن ۾ ويهاريو. مثال طور:<br>▪ گروپ پهريون _ ڪلاس پهريون<br>▪ گروپ ٻيـــو _ ڪلاس ٻيـــو | • ڳالهائڻ جي مهارت بابت سرگرمين تي گروهي ڪم ۽ پيشڪش ڪرڻ | <br>80 منٽ |



2. هر گروپ کي هيٺ ڏنل ڌار ڌار ڪم ڏيو، ۽ کين هدايتون ڏيو ته ڏنل موضوع تي مرحليوار سرگرمين جون هدايتون ٺاهي ڪلاس ۾ پيش ڪن.

| | |
|---|---|
| گروپ پهريون | هڪ ٻئي جو تعارف ڪرائڻ |
| ڪلاس ٻيو | ٻاراڻو نظم يا بيت ٻڌائڻ |
| گروپ ٽيون | تصويري ڪهاڻيءَ بابت اظهار ڪرڻ |
| گروپ چوٿون | پسند جي موضوع تي مڪالمو ڪرڻ |
| گروپ پنجون | ڪنهن به موضوع تي تقرير يا خيالن جو اظهار ڪرڻ |
| گروپ ڇهون | ڪنهن تقريب جو اکين ڏٺو/ مشاهدو احوال بيان ڪرڻ |
| گروپ ستون | ادبي ڪچهري (شاعري/ مزاح/ ڪهاڻي/ ڳجهارت يا پرولي وغيره) ڪرڻ |
| گروپ اٺون | انٽرويو ڪرڻ |



| | | | |
|---|---|---|---|
| | | • 15 منٽن کان پوءِ هر گروپ کان پيشڪش ڪرايو ۽ ان بابت مناسب موٽ (Feedback) ڏيو.<br>• هر گروهي پيشڪش کان پوءِ ٻين گروهن کان راءِ پڇو ۽ آخر ۾ پنهنجي راءِ ڏئي پاڻ تعميري اصلاح ڪريو. |  |
| <br>25 منٽ | • سموري سيشنَ جي ڪاروائيءَ جو حاصل مطلب بيان ڪرڻ<br> | **سيشن جي پڄاڻي**<br>1. سموري تربيتي سيشن ۾ ڳالهائڻ جي مهارت تي ٻڌل معلومات تي ڪي به پنج سوال ناهيو.<br>2. تربيت وٺندڙن جا پنج گروپ ناهيو هرگروپ ميمبر کي هڪ کان پنج نمبر ڏيو ۽ هدايت ڏيو ته هر ميمبر پنهنجا نمبر ياد رکي.<br>3. سوال نمبر 1 بورڊ تي لکو ۽ هر گروهه ۾ وينل نمبر 1 وارن کي هدايتون ڏيو ته سوال نمبر 1 جو جواب ڏين.<br>4. اهڙي طرح 5 سوالن جا جواب معلوم ڪريو.<br>5. آخر ۾ اهم نڪتن جو خلاصو پيش ڪندي ڏينهن، جي پڄاڻي جو اعلان ڪريو. |  |

## ڳالهائڻ جي مهارت: مددي مواد Handout 1

ڳالهائڻ ٻوليءَ جو اهم جُزو آهي، جنهن سان ٻارَ جو اک کلڻ سان ئي واسطو پوي ٿو. ٻارُ پنهنجي گهرَ ۾ سماجَ مان ڪنهن نہ ڪنهن قِسمَ جو ڳالهائڻ ضرور سکي اچي ٿو. ٻارَ جڏهن اسڪول اچن ٿا تہ پاڻ سان گڏ عام ڳالهائڻ ٻولهائڻ وارن لفظن جو وسيع ذخيرو بہ کڻي اچن ٿا، پر انهن لفظن جي آڌار تي مربُوط انداز ۾ بيان نٿا ڪري سگهن. سندن جملا بغير ربط جي هوندا آهن ۽ گفتگوءَ ۾ اعتماد نہ هوندو اٿن. ٻارن جي اڳوٽي ڄاڻ ڳالهائڻ جي سکيا ۾ سندن مدد ڪري ٿي. يعني، ڄاتل کان اڻ ڄاتل جي اصول تحت ڳالهائڻ جو عمل ٻولي سکڻ جو اهم جزو آهي. جيئين تہ ڳالهائڻ جو تعلق پڙهڻ ۽ لکڻ سان گهرو آهي ۽ ان جو اثر ٻوليءَ جي اظهار ۾ بہ موجود هوندو آهي، اهو گهٽ يا وڌ پڙهڻ لکڻ ۾ بہ برقرار رهي ٿو. ٻارن جي ڳالهائڻ جي مهارت سندن سيرت ۽ ڪردار جي تعمير ۾ بہ مدد ڪري ٿي. عملي زندگيءَ ۾ ڳالهائڻ جي مهارت جو وڏو اثر هوندو آهي. صحيح ٻولي ڳالهائڻ سان خوشي ۽ اطمينان حاصل ٿيندو آهي. ڳالهائڻ جي مهارت سان خود اعتمادي پيدا ٿئي ٿي ۽ ٻين سان تعلقات بهتر ٻڻائڻ ۾ مدد ملي ٿي. مطلب تہ ڳالهائڻ جي مهارت سان شخصيت جي پر پور نشوو نما ٿئي ٿي.
استاد کي گهرجي تہ هُو ٻارن ۾ صحيح ٻولي ڳالهائڻ جي صلاحيت پيدا ڪري. جيڪي ٻارَ خوفَ سبب ڪلاس ۾ خاموش وينا هوندا آهن. انهن تي خاص ڌيان ڏئي ۽ دلچسپ سرگرمين ذريعي ڪين ڳالهائڻ جو موقعو فراهم ڪري.

**ڳالهائڻ جي مهارت جا جُزا**

(01) اُچارَ (02) گرامر (03) لفظن جو ذخيرو (04) تسلسل/ رواني (05) سمجهہ

**حوالا: سيد شير شاهہ ، مغل عبدالجبار1990، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ( پي ٽي سي ڪلاسن لاءِ ) ڄامشورو، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ص 134 ۽ 135**

# ڳالهائڻ جي مهارت پيدا جون سرگرميون



- گهرو ماحول بابت سوال جواب ذريعي ڳالهائڻ جي مشق ڪرائڻ.
- ڪاغذي چهرن جي مدد سان ڳالهائڻ جي اداڪاري ڪرائڻ.
- رڪاڊر تي گفتگو رڪاڊ ڪرائڻ  يا مائڪروفون استعمال ڪرائي ڳالهرائڻ.
- دلچسپ واقعا بيان ڪرائڻ.
- تقريبن جو اکين ڏٺو احوال بيان ڪرائڻ.
- اداڪاري ڪرائڻ.
- تقريري مقابلا ڪرائڻ.
- مڪالما ڪرائڻ.
- نظم خواني جا مقابلا ڪرائڻ يا ادبي ڪچهريءَ جون سرگرميون ڪرائڻ.
- بحث مباحثو ڪرائڻ.
- انٽرويو ڪرڻ.
- ڪنهن موضوع تي خيالن جو اظهار ڪرائڻ يا  دليل ڏيارائڻ.